

7250
65

# ٽئگور

(هڪ جهلڪ)

ليکڪ: اُتم

هڪ رپيو

۵۰ نوان پئسا

# ٺڳـــــور

## (هڪ جهلڪ)

ليکڪ: اُتم

قيمت هڪ رپيو
۵۰ نوان پيسا

ڪتاب چوڏهون] [سيپٽمبر ١٩٦١

Indian Institute of Sindhology
* Adipur-Gandhidham *
7280/65
1.5.2002

نئين دنيا پبلشرس
١٠، مهتا مينشن، سيتلا ديوي ٽيمپل روڊ،
مهيم، ممبئي-١٦

# فهرست


| | |
|---|---|
| ۱- ٽئگور ۽ سنڌي ساهت | ۹ |
| ۲- وطن دوست ٽئگور | ۲۴ |
| ۳- انسانيت جو اديب ٽئگور | ۴۲ |
| ۴- ٽئگور جو مذاق ۽ طنز | ۸۲ |
| ۵- ٽئگور جا ويچار | ۹۱ |



Published by Ram Jethanand on behalf of Naeen Duniya Publishers, 10, Mehto Mansion, Sitladevi Temple Road, Mahim, Bombay-16. and Printed by him at Azad Printing Press, 77, Kapad Bazar, Mahim, Bombay-16.

جان ظاهر ٽيندو

# "ٽئگور درشن"

ڇپائيندڙ
نئين دنيا پبلشرس

# ٽئگور ۽ سنڌي ساهت

جن ٽن هندستاني ليکڪن اسانجي ساهت کي گهڻي ۾ گهڻي اوچ ڏني، اسانجي ساهتڪارن کي اُتساهه ڏنو ۽ اسانجي وچارن تي اثر ڪيو، سي آهن گرديو ٽئگور، منشي پريمچند ۽ شرت چندر. سچ ته هنجون رچنائون اسانجي ساهت ۾ ايتريون ته سمائجي ويئون آهن، جو هو اسانجا پنهنجا اديب سمجهيا وڃن ٿا. وڌاءُ نه ٿيندو. انهن ٽنهي مان جنهنجون رچنائون پهريان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون هيون، سو هو ٽئگور.

جئن هندستان جي ٻين ٻولين ۾ ٿيو، تئن سنڌيءَ ۾ به ٽئگور جون لکڻيون سن ۱۹۱۳ع کانپوءِ آيون، جڏهن کيس گيتانجليءَ تي انتراشٽري نوبل انعام مليو. هنجون لکڻيون سڌيون بنگاليءَ مان نه، پر انگريزي ۽ هندي مان ٿي سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيون. وري اُن پهريان گيتانجلي نه ترجمو ٿي پر گرديو جون ڪهاڻيون، ناول ۽ ناٽڪ ترجمو ٿيا، جنهنجو سنڌي ساهت ۾ چڱو قدر هو.

گرديو جي رچنائن جي ترجمو ٿيڻ جي شروعات ڪرڻ ۾، جنهن چئن وڏي هٿن ڏني سا هئي، گرديو جي پاڙاه

ٽي. ان تي رڳو ٽئگور جو درشن ڪرايو پر اسان کي
سندس رچنائن جي آجيان لاءِ تيار ڪيو. رچنائون جن
خاص ڪري سنڌي ناول، ڪهاڻي ۽ ناٽڪ جي سڪل
کيت کي سرسبز ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. گرديو جي
ٻهراڻ لکڻي جا سنڌيءَ ۾ ترجما ٿيا سي سا هئي سندس
مشهور ناول "نوڪا ڊوبي" جي مختصر ڪهاڻي، جا "ٻڏل
ٻيڙي" جي سري هيٺ ادي جيٺمل پنهنجي اخبار
پارتواسيءَ ۾ ١٩٢٤ع ۾ قسطن ۾ هلائي ۽ بعد ۾ ڪتاب
جي صورت ۾ آندي. اهو ساڳيو ناول سڄي جو سڄو
١٩٣٩ع ۾ "رتن" وارن "طوفاني رنگ" نالي ۾ ڇپايو
هو ۽ وڌيڪ ڪانپوءِ امپئي ۾ "نرگس" وارن انهو
ٻيو ڇاپو ڇپايو.

گرديو جي ٻهراڻ ڪهاڻي جا سنڌيءَ ۾ اسانجي پوڪ
اديب پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ ترجمو ڪئي سا هئي
"گونگي ڪنوار" (سدا). اها پڻ ١٩٢٤ع ۾ پارتواسيءَ ۾
ٽي ڇپي هئي.

ٽئگور جو سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻهريون ناٽڪ هو "وڌ
پالرا" جيڪو مشهور ترجمان آچاريه گدواڻيءَ ترجمو
ڪيو هو ۽ پروفيسر جيٺمل ١٩٢٦ع ۾ انهين سنڌ لئبرريءَ
طرفان ڇپايو هو.

گيتانجلي ٻهراڻ ٻهراڻ ١٩٢٧ع ۾ ڇپي هئي. اها
دليپسنگهه ماڻڪاڻيءَ ترجمو ڪئي هئي. ساڳئي سال
گرديو جون مشهور ڪهاڻيون - ڪابولي والا ۽ راجائي

ويهي لکيو. هڪ ٻئي پٺيان سڀ ناول - طوفاني رنگ، مايا، کير کنڊ جو، ڏهاڳڻ راڻي، ڦلواڙي، اماوس، پريمو، منزل، دامني، ڪمودني، سهڻي، گهر ۽ دنيا ۽ آخرين ڪوتا ترجمو ٿيا ۽ اڄ ٽئگور جو هڪ به ناول يا ڪهاڻي ڪانهي جيڪا سنڌيءَ ۾ نه ترجمو ٿي هجي. نه رڳو ايترو پر ڪي ڪي ناول (طوفاني رنگ، مايا، کير کنڊ جو، گهر ۽ دنيا) ۽ ڪهاڻيون (ڪابلي والا، گونگي ڪنوار، ٿياڳ، مهمان، ماسي، ماسٽر وغيره) ٻه ٻه ٽي ٽي دفعا ڇپيون آهن.

باقي ٽئگور جي ناٽڪن ۽ نظمن جا ڪتاب ٿورا ڇپيا ويا آهن. ان کان به گهٽ ۽ مضمونن کي ته ڄڻ هٿ ئي نه لاتو ويو آهي. مٿي ڄاڻايل ناٽڪن کانسواءِ ٻيا ٻه ناٽڪ ترجمو ٿيل آهن - مکت ڌارا، اما ونايڪ، چترا، آريه ۽ اڻ آريه ۽ ڪٿي ڪرڻ. آزاديءَ جي ڪوڙي ناٽڪ، ڏاک گهر جي نالي ۾ ٻه ٻيا دفعا به ڇپيو آهي. البت گرديو جا ڪيترا ئي ناٽڪ اسٽيج تي ڏيکاريا ويا آهن، خاص ڪري ويدونات ناٽڪ منڊلي طرفان، جنهن جو مهورت ۱۹۲۳ع ۾ خود ٽئگور ڪيو هو ۽ جنهن جا باني هئا - خانچند ديواڻي، لعلچند امرڏنومل هيرانند آڏواڻي، جيٺمل پرسرام ۽ ڀيروڌمسر منگهارام ملڪاڻي.

۱۹۲۷ع ۾ گيتانجليءَ جو جيڪو دلهومنگه جو ترجمو

آزاد ترجمو اچ به سنڌيءَ ۾ ڪلاسڪ گيت آهي. ڏسو ته ڪهڙيءَ نه خوبصورتيءَ سان ترجمو ڪيو اٿس:-

جتي نه حقيقت جو آهي قدر،
جتي اوچ گردن ۽ دل ۾ فخر،
جتي رحم جو نه وسي ٿو ابر،
جتي سونهن وارو رهي ٿو سفر،
انهيءَ سرڳ ڀارت ۾ جيون جڳائج!
جڳائج، جڳائج، پتاما جڳائج!
جتي ٽنگ دستيءَ جو اعمال ناهي،
جتي ديش جي عزت پائمال ناهي،
ڪيو جت غلاميءَ ڪو جال ناهي،
جتي ڪو جهالت جو جنجال ناهي،
انهيءَ هيج ۾ هيءَ ڀارت جهلائج.
جڳائج جڳائج، پتاما جڳائج!

هن گيت جو ترجمو ٻين ڪيترن نثر توڙي نظم ۾ ڪيو آهي، پر ترمل جو ترجمو ٻهڪندڙ آهي. هن گيت جو اثر نه رڳو ساهتڪارن ۽ ساهت پريمين تي پر عام پاٺڪن تي به زبردست ٿيل آهي.

ساڳيءَ طرح گيتانجليءَ جو ٻيو گيت جو پڻ سنڌيءَ جو "ڪلاسڪ" آهي، جنهنجو اثر پڻ زبردست ٿيل آهي، سو آهي "پوجا پاٺ ڇڏ ڪر". انهيءَ کي ٽن ٻوڪ ادبين - پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، اياز ۽ سگڻ آهوجا نظم ۾ ترجمو ڪيو آهي. نثر ۾ نه الاجي ڪيترن ترجمو ڪيو

آهي. هيٺ ڏنل نثر جي ٽڪرن مان ڪنهن حصي ڌيان ڏيو جنهن ۾ ان گيت جو سار سمايل آهي، جيئن پيمت ڪري سنڌين خوبين جو اندازو لڳائي سگهجي:-

١- پوڄا پاٺ، ڀڄن آرتيون، سڀ ڪي ڪر ڪرڪ ڇڏ، مندر جي ڪونڊ ۾ پوري، در بند ڪنهن جي پيو ڪرين پوڄا؟ اندڪار ۾ پنهنجي منهن سر، پيڳتي ۾ آهين غلطان کول اکيون ۽ جاچ ته ڪرڪا، ڪٿي آهي تنهنجو ڀڳوان؟ هو ته وڃي ان جاءِ رهيو جت، هاري ڌرتي کيڙي ٿو، پٿر ڀڃي جتي پيو قوري، قوري ۽ گڏ ميڙي ٿو، لتي ڌڳي ۾ وسترڌڌڙ ال، سڀني سان پيو ڪم ڪري، واس لهي، هن وانگر تون به، آ، مٽي ۾ پير پوري

(ملڪاڻي)

٢- نه مسجد نه مندر ۾ آهي خدا
هلي آءُ ڏسندين ته ڇا آهي خدا؟
ٻني ۾ لٽي پيو ڳاهه ڳاهي خدا
لتي ڌيئن وسنا ۽ ڳاهي خدا
غريبن لٽايون جتي جهوپڙيون
اُتي ئي خدا جون لڪليون مڙيون ٠

(اياز)

٣- ڪنهن اڪيلائي ڪنڊ ۾ مندر جي، ڌڪي در دروازن
اي ۽ جسا پوڄا لو ڪرين سڀ ڪاڏ، لڪنده ڪارڪو
اڀور لــو وقت ڪٽي؟ اسادان کولي ڏس اکيون
بند ڪر اهڙو ڏاڍ؛ سڀ روح ڪٺا بند ڪرا!

پورهيت ۽ هاري، سلالا اسا جتي تاهن زمين
هو اُتي آهي انهن سان، اس مٽيءَ ۾ ساٿ ۾
گيڙو ڪهڙا لاءِ لون ۽ وڃ رکي دل ۾ ڀقين
مل ٿو جيئن مالڪ سان ”ميرن هندستانين جي ذات“ ۾.
(سڳن آهوجا)

گرديو جي رچنا جنهن گهڻي ۾ گهڻو سنڌي اديبن ۽ عملي اثر ڪيو ۽ سنڌ ۾ قومي جاڳرتا کي هٿي ڏني، سا آهي ”گورا“ ناول. ان ناول جي ترجمان گلي پنهنجي مهاڳ ۾ جيڪو ناول جي اثر جو بيان ڪيو آهي سو نه فقط هنجو پر انيڪ سنڌين جي دل جي ڳالهه ڪئي اٿس. هو لکيٿي، ”انگريزي علم پڙهڻ ڪانپوءِ، ڪي سال نه فقط انگريزي ساهتيه پڙهڻ مان ئي مزو ايندو هوم. مغرب جي ماڻهن جي حياتي ۽ سڀيتا، سندن خيال ۽ نمونا مونکي ايترقدر نه پاڻڏانهن ڪيڏي رهيا هئا جو مان هرڪنهن پرديسي ڳالهه کي سٺ ريل، ۽ ديسي ڳالهه کي اُٺسڌ ريل ۽ پٺتي پيل سمجهڻ لڳس. پهريون ڪتاب جنهن منهنجو اهو نشو لوڙايو، سو هو مشهور رابندرناٿ ٽئگور جو ”گورا“. هن ئي ڪتاب مون ۾ ڌارين جي نقل لاءِ نفرت پيدا ڪري، مون ۾ سوامان جو انگ ۽ قوميت لاءِ ووڪ جاڳايو. اهوئي سبب آهي جو هن ڪتاب سان منهنجي دلي محبت آهي ۽ مونکي الهو ڪنهن به ٻي ڪتاب کان وڌيڪ قدر آهي.“

گرديو مان اُتساهه حاصل ڪري رهي آهي، جنهن شيخ
اياز جي هيٺين دوهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو:-

ٻو راماسي ٻوري ڪڍڪا، ٽڏڙي ٽڏڙي واٽ،
ٽلي پيو ٽئگور ڪنڌيءَ تي، اچي پيو ٻرلاٽ،
ڪوي اسان پرنام ڪيو سين، ڇپيا اوڀالها ٻير،
ڪوي ڏسين تو ڪاهڪ آڻي ڪيڏا ٿو انڌار!
ڪوي، ڏٺا آهن توکان ٻه ڪيڏا اسان ڪلور-
سچ کِسي سوريءَ تي چاڙهيو ويو،
ماٺ رهيا منصور!

هيو سنڌي نوجوان ليکڪ جيڪو شانتينڪيتن مان
تعليم پرائي ويچارن جي وشالتا کڻي آيو آهي، جو پارس
پر اسان جي وچ ۾ آهي، سو آهي ڪرشن کتوائي. هو پنهنجين
رچنائن ذريعي اهو ڪم ڪري رهيو آهي، جيڪو صوفي
پنهنجن ويچارن معرفت ڪري رهيو آهي. صوفي ۽
ڪرشن سان گڏ ٻيا به ڪافي نوجوان ليکڪ آهن جيڪي
گرديو ۽ هنجي يادگار شانتينڪيتن جا اڻ ڏٺا عاشق آهن
۽ ٽئگور جي "سنيهي" ("عوام کان الڳ رهي ٻيگانا
ٿي ويندا سين..."[3]) کي کڻي پنهنجي ٻوليءَ، جاتيءَ، ديس
۽ دنيا جي ڀلائيءَ خاطر پنهنجو نمانو ڀاڱو ادا ڪري
رهيا آهن.

# وطن دوست ٽئگور

”هرڪو ليکڪ پنهنجي ڊولي ۾ جو ليکڪ ليکندو آهي.“ گرديو جو هي گفتو هنجي وطن دوستي ۾ جي جذبي ۾ جو پورو اظهار ٿو ڪري. ٽئگور جي وطن دوستي فقط سندس قومي رچنائن تائين محدود نه هئي پر هن انکي عملي جامو پهرائڻ لاء هندستان جي آزادي ۾ جي هلچل ۾ ڀرو ڀاڱ ورتو.

جنهن وقت ٽئگور جو جنم ٿيو ان وقت اسانجو پيارو ديس انگريزن جي غلامي ۾ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هو. انهن زنجيرن کي ٽوڙڻ لاء لگن، همت ۽ غلامي ۾ خلاف نفرت جي ضرورت هئي. گرديو وٽ انهن ٽنهي جذبن جو اکٽ خزانو هو.

هن اهو پڪوڙي محسوس ڪيو ته جيستائين اسانکي ڌارين جي غلامي ۾ خلاف نفرت نه پيدا ٿئي آهي تيستائين اسان ۾ نه اها لگن ۽ نه اها همت پيدا ٿي سگهندي. ڪيس ڌاري غلامي ۾ خلاف ڪيڏي نفرت هئي سا سندس هيٺين حوالي مان ظاهر آهي :-

”اسانجي چوگرد جيڪي غلامي جون زنجيرون جڪڙيل آهن تنڪان مڪمل آجو ٿيڻو آهي، پوءِ ڇو نه،

ڀورڻ لاءِ زور ڀريندو هو. ٻئي طرف ٽئگور کي اهڙي نقل کان نفرت اپان ايندي هئي. هو ڪنهن رواجي چانهه پارٽيءَ جي ڪوٺ ۾ تيستائين نه قبوليندو هو جيستائين ان ۾ کيس پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ جواب ڏيڻ نه ڏنو ويندو هو.

هڪ دفعي گرديو جو آگري ۾ وڃڻ ٿيو. کيس "ونشيئ هوربونگ" ۾ گهرايو ويو. اتي جڏهن هو هال کان ٻاهر نڪري رهيو هو تڏهن هڪ شاگرد، جيڪو انگريزي تمدن جي رنگ ۾ رڱيل ٿي ڏٺو، تنهن زور سان انگريزيءَ ۾ واڪو ڪري چيو، "ٿري چيئرس، هپ هپ هوري." اهي لفظ ٻڌنديئي گرديو جو سيتل ۽ شانت مکڙو ڪروڌ ۾ لال ٿي ويو. شاگرد کي ڌمال ڪليندي چيائين، "جيڪڏهن ڪو انگريز مونکي اهڙي نموني ڪيڪاري ته مان اها ڳالهه سمجهي سگهان ٿو. پر هڪ هندستاني مونکي اهڙي جهنگلي داٺهن سان ڪيڪاري سو منهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي. مان اهڙي داٺهن وري ٻڌڻ نٿو چاهيان." ان شاگرد وري ٻوڪ به نه ٻوليو.

اهڙا مثال گرديو جي جيون مان اڻيڪ ملي سگهن ٿا.

ٽئگور ٻاليءَ هوندي کان ئي پنهنجو نصيب ديس جي نصيب سان ڳنڍي ڇڏيو. ڇو ته اڃا ڏهين سالن جو مس هو ته ڪلڪتي ۾ هر سال لڳندڙ "هندو ميلي" ۾ وڃي پنهنجو لکيل شعر پڙهيائين. ساڳيءَ طرح

ساڳيءَ طرح هڪ ٻئي خط ۾ لکيائون "مونکي ته اها
۽ پنهنجي گهٽتائي ٻيڻي لڳي ته مان انهن شخص کي
جواب ڏيان، جن مون کي اهڙو حد درجي جو مورک
سمجهيو آهي، جيڪو جارج چوٿين يا پنجين کي
"امر سارٿي" سڏي سگهي ۽ چوي ته هو ديش جي
ٻي انت اتهاس جي اکنڊ ٻن کان ٻاهرا ڪندڙن جي
سونهن ڪندڙ آهي."

گرديو راجنيتي اڳوان جي رخ کان ته ڪڏهن ٿي قومي
سرگرمين جو ميدان ڇڏي آيو. ورڻي اُن ۾ انهيءَ چستيءَ
سان بهرو نه ورتائين. ان جي اها معنيٰ ڪانهي ته هو
وطن دوست نه رهيو. هو ته زندگيءَ جي پڇاڙيءَ تائين
۽ وطن دوست رهيو، ليڪن پوءِ پنهنجي ڪاره جو ڍنگ
ڦيرائي ڇڏيائين. پنهنجو وقت رچناتمڪ ڪم ۾ ڏنائين.
ان ڪم ڪندي گرديو جن مهاتما گانڌيءَ جي ليڊيءَ
سان ڪيترين ڳالهين ۾ متڀيد ٿي پيو خاص ڪري تڏهن
جڏهن ١٩٢١ ۾ گرديو "وشو ڀارتي" يونيورسٽي
جاري ڪري رهيو هو ۽ مهاتما گانڌيءَ هلچل شروع
ڪئي هئي. ان وقت مهاتما اهو اعلان ڪيو ته
جيڪڏهن هرڪو هندواسي هر روز صرف اڌ ڪلاڪ
سٽ ڪتي ته سوراج ٿورن مهينن جي اندر حاصل ڪري
سگهجي ٿو. گرديو کي مهاتما جي اها ڳالهه غيروگيانڪ
لڳي. هندو چوڻ هو ته سوراج اهڙي سستي چيز ڪانهي
۽ هن ايمانداريءَ سان محسوس ڪيو ٿي ته چرخو

ڪڏهن به موجوده زماني جي مشينن سان هلائڻ ۾ ٻيهي نه سگهندو.

ساڳئي سال ۾ والنٽي ڪمري جي سازش لئي ڪان گرديو ۽ گانڌيجيءَ جي وچ ۾ اختلاف ٿيا. گرديو جي دليلن ۾ عقلپسندي هئي ۽ گانڌيجيءَ جي دليلن ۾ لڳڪن ڪيالن انسان جي التجا هئي.

ساڳيءَ طرح سن ١٩٣٤ع ۾ جڏهن گانڌيجيءَ بهار جي زلزلي کي ڀارواسين جي گناهن جو نتيجو ڪوٺيو تڏهن ٽئگور کي ڏاڍو ڏڪ رسيو ۽ گانڌيجيءَ کي صاف ٻڌايئين ته اها ڳالهه صحيح ڪانهي.

مٿين اختلافن جي باوجود ٻنهي اعليٰ رهنمائن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ اٿاهه سڪ هئي. مهاتما ٽئگور کي ”وڏو پهريدار“ جو خطاب ڏنو ۽ گرديو مهاتما جو پوني وارو ورت پنهنجن هٿن سان ٽوڙايو.

هنن ٻنهي کي نه رڳو هڪ ٻئي لاءِ سڪ هئي پر سندن ڪم لاءِ عزت به هئي. مهاتما پنهنجن پيارن کي شانتينڪيتن ۾ پڙهڻ موڪليو هو ۽ جڏهن گرديو پيرسن اوستا ۾ شانتينڪيتن لاءِ ٦٠ هزار رپين گڏ ڪرڻ لاءِ ديس جي جدا جدا هنڌن تي پاڻ اسٽيج تي ناچ، ناٽڪ ۽ سنگيت جا پروگرام ڏيڻ لاءِ دهليءَ پهتو ته اتي مهاتما سان مڪاميلو ٿيس. مهاتما کي گرديو جي فيصلي سخت صدمو رسايو. هن يڪدم هڪ شاهوڪار سيٺ کي خط لکيو: ”توهانکي پنهنجي سان اسانجي ديس

۾ ڪيترن جڳهن جي شيوا جون سنسٿائون هلنديون آهن
اڄ مان گرديو جي شانتينڪيتن جو ٽالو ٽوهائڻ سامهون
ٿو رکان. انهي آرٿڪ ڳهرج ٽوهائڻ پوري ڪرڻي پوندي.
گرديو هن ٻڍاپي ۾ اسٽيج تي اچي ٿي اچي لڌهڪان
اڄ ٿي ٽوهائڻ پئسي جي مدد ڪرڻي پوندي. پوءِ ٿي
مان ڪيس شانتينڪيتن واپس وڃڻ جي وينتي ڪري
سگهندس. ٽوهائڻ سٺ هزار گهڻ دان اڄ ئي ڏانهس
روانو ڪرڻو پوندو. ان طرح گرديو جو سوسان به رهي
ايندو ۽ شانتينڪيتن جو سنڪٽ به ٽري ويندو."

سيٺ پلا گانڌيجيءَ جي ڳالهه کي ڪيئن ٿي ٽاري
سگهيو. هن يڪدم سٺ هزار جو چيڪ ڪڍي گرديو
جي ٽالي تي موڪلي ڏنو ۽ گڏو گڏ هڪ خط ۾ لکيائين
”هي آهن شانتينڪيتن جي اَنتي چاهيندڙ جا قل قول."

گانڌيجيءَ گرديو کي وينتي ڪئي، ”هن عمر ۾ اسٽيج
تي چڙهي اڪٽنگ ڪريو، اها ديس جي لڄ جهڙي
ڳالهه آهي. توهين ڀارت ڀوميءَ کي ان شرم کان بچي
رکو. ٻيو آن چاهيو ٿا. شانتينڪيتن جو ڪنن وقت
جلدي ڪٽهي ويندو. توهين مهرباني ڪري شانتينڪيتن
موٽي وڃو ۽ انهي وڪاس لاءِ ٿسي پنهنجي طاقت ۽
وقت صرف ڪريو."

اهو ٻڌندي گرديو جون اکڙيون ڇلڪي پيئون. گانڌيجيءَ
جي ڳالهه مڃي شانتينڪيتن موٽي آيو ۽ شانتينڪيتن

هڪ وڏي ڏکيائيءَ مان لنگهي پار پيئي.

گرديو پنهنجن رچنااتمڪ سرگرمين ۾ مشغول هوندي به ڀارتي آزاديءَ جي هلچل کان الڳ نه رهيو.

سنه ١٣ اپريل ١٩١٩ع تي ڄليانوالا باغ واري ڪوس جي خبر ٽئگور کي زبردست ڌڪو رسايو. هن انگريزن کان مليل شاهي خطاب واپس ڪيو. ان وقت هن جيڪو وائسراءِ کي خط لکيو سو انساني آزاديءَ جي احساس ۾ سدائين ياد رهندو. هن لکيو، ”... وقت آيو آهي جڏهن هيڙي بي عزتي وقت هي عزت افزائي جا ٻلا اسانکي وڌيڪ شرمسار ٿا ڪن. مان پنهنجي سر انهيءَ خاص مرتبي کي ترڪ ڪري پنهنجن همر وطنين سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندس، جي ذلت ڀري زندگي گذاري رهيا آهن.“

سن ١٩٣١ع ۾ جڏهن بنگال ۾ سرڪار ٻن راڄنيتي قيدين کي اُقت ماري ڇڏيو تڏهن گرديو شاهي عام ميڙ ۾ اچي تقرير ڪئي ۽ پنهنجو هيئون شاهڪار شعر ”سوال“ پڙهيو:

”اي ايشور!
تو بار بار هن دکي ڌرتيءَ تي
پنهنجا اوتار پئي موڪليا آهن.
هنن اسانکي اهين پئي چيو آهي:
سڀني کي معاف ڪريو،
سڀني کي پيار ڪريو،

دل جو وڏو ساڙ ناس ناس ڪري،
هو عزت لائق آهن، ياد رکڻ قابل آهن!
نه نه اڄ
مون هڪڙي رواجي پرنام ڪري
پنهنجي دروازي ٻاهران ئي موٽائي ڪڍيو آهي.
ڇا مون خود نه ڏٺو آهي
نه رات جي ڪريڙي اونده ۾
ڪيئن نه لڪل هنسا، بيوس تي وار ڪندي آهي؟
ڇا مون نه ڏٺو آهي
نه ڪيئن نه ڪهاڻي سڻائي ۾
ظالم جي سيني زوريءَ سان
انصاف جو آواز دٻجي ويندو آهي؟
ڇا مون نه ڏٺو آهي
نه ڪيئن نه نوجوان ٻارڙا ئي،
پٿرن سان ٽڪرجي موت جي گود ۾ سمهي پوندا آهن؟
هيءَ ڪهڙي آ پيڙا!
منهنجو گلو گهٽجي ويو آهي، بنسري گونگي ٿي
پيئي آهي.
اڄ منهنجي دنيا کي، انڌڪار پنهنجن چنبن ۾
جڪڙي رکيو آهي!
انڪري مان آنسن ڀر اکڙين سان
لوڪان هي اهم سوال پڇي رهيو آهيان:
جيڪي ماڻهو تنهنجي هوا ۾ زهر ملائي رهيا آهن،

تنهنجي روشنيءَ جي ڳالهه ڪري رهيا آهن،
ڇا تو انهن کي به معاف ڪري ڇڏيو آهي!؟
ڇا تو انهن کي به پيار ڪيو آهي؟"

1941 ۾ جيئوٽيڪ گرديو بيماريءَ جي بستري تي هو، تڏهن به هن ڪلڪتي ۾، راجنيتي قيدين جي ٻاري ۾ ڪونائل شاهي ميڙ جي صدارت ڪئي ۽ پنهنجي موقف کان فقط ٻه مهنا اڳ هن انگريزي سامراجين جي عيوضيءَ مس راٿبون کي ڪن مان دونهان ڪڍائيندڙ جو جواب ڏنو، سو اڄ به ڪنن ۾ پيو گونجي،— "...... ليڪن تهذيب کان وڌيڪ زندگيءَ جي رواجي گهرجن جي گهٽي ضرورت آهي، جن تي ئي اُن جي اڏاوت ڪڙي ٿيل آهي. انگريزن، جن ٻن سؤ سالن کان اسانجي قوم جي ڌن دولت تي قبضو ڪري، ان کي پيڙيو آهي، اسانجي غريب جنتا لاءِ ڇا ڪيو آهي؟ ماٺ جڏهن چوطرف نهاريان ٿو، تڏهن مون کي ٻکايل انسان روٽيءَ ٽڪر لاءِ ٿڙندا نظر اچن ٿا.. مون ڳوٺن ۾ ڏٺو آهي ته ڪيئن نه استرين کي پاڻيءَ چڪي لاءِ ڪڏون ڪوٺيون پنڌيون آهن، جو نه اُتي جيترا سڪول آهن، اوترا کوه به ڪونهن.. ڪيترن ماڻهو ڀُڪ ۾ پاڻ پيئندا رهن ٿا ته به ڪن پرڳڻي ضلع مان به ڪا ڇانوڻ جي لپ ڪانه ملي ٿي."

ٽئگور وطن دوست نه، اعليٰ وطن دوست هو. پر انڪا قوم پرست نه هو. "منهنجو ملڪ، صحيح هوئي نا

غلط ان خيال جو گرديو قائل ڪونه هو. ان ڪري هن
پنهنجي ديس جون جيڪي خاميون ڏٺيون، ان کي
بي نقاب ڪرڻ يا ندڻ کان هٽي نه پيو. ساڳئي وقت
ٻين ملڪن ۾ جيڪي به سٺيون ڳالهيون ڏٺائين ان کي
گرهڻ ڪرڻ کان نه ڪيٻايائين، ڇو ته اهڙيءَ ريت راجنيتي
آزادي نه پر سماجي، دماغي ۽ آرٿڪ آزادي پڻ ڪهندي
هئي. اهڙيءَ آزادي اچان ريڳو انگريزن جي غلاميءَ جي
زنجيرن نه هئي پر پنهنجين جهونين رسمن رواجن، ذات
پات، ڌرم مذهب، غريب شاهوڪار جي پيدا ڪيل جون
زنجيرون پڻ هيون. ٽيگور انگريزي غلاميءَ سان گڏ
انهن زنجيرن خلاف پڻ پنهنجو آواز بلند ڪيو. پنهنجي
هڪ نهايت سندر شروعاتي ڪوتا (جا بنگالي گيتانجليءَ
۾ ڇپيل آهي) ۾ پنهنجي ديس کي ذات پات، ڇوت ڇات
۽ اوچ نيچ جي پيدا تي تنبيهه ڪئي اٿس ۽ دور ڪرڻ
جي تقاضا ڪئي اٿس. ان ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي:-

"هي منهنجا اڀاڳا ديس،
جن جي تو سدائين بي عزتي ڪئي آهي
سي تو کي گهڻي ئي مانو بڻائيندا.
جن کي تو انساني حقن کان محروم رکيو آهي،
جيڪي تنهنجي گود کان وانجهيل آهن،
سي تو کي ئي مانو ڪندا.
تون انسان جي ڇهڻ کان به ونءُ ويندڙ رهئين،
تون پنهنجي ذاتيءَ کان به نهندو رهئين،

ٿا ۽ اڄ وار ڊسب معنيٰ رکن ٿا. گفتگو هيٺين ريت ٿي هئي:-

”تون ماستري ۾ ڪان سواءِ ٻيو ڇا ڪندو آهين؟“ گرديو پڇيو.

”مان هندي ۾ آڪاٽيون لکندو آهيان. ڪافي لکيو اٿم ۽ ٿالو ڪمايو اٿم.“ ٻلراج وراٽيو.

”پر تون تہ پنجابي آهين نہ، هندي تہ تنهنجي ٻولي ڪانهي. تون پنجابي ۾ ڇو نٿو لکين؟“

”پر هندي تہ راشٽر ڀاشا آهي. مان پنهنجي پرانتڪ ٻولي ۾ ڇو لکان، جڏهن سڄي ملڪ جي ڀاشا لکي سگهان ٿو؟“

”مان بنگالي ۾ لکندو آهيان. اها بہ پرانتڪ ٻولي آهي. پر نہ فقط سڄو هندستان، پر دنيا بہ انکي پڙهندي آهي.“

”مان توهان وانگر وڏو ليکڪ ڪونہ آهيان.“

”اهو ننڍي يا وڏي ليکڪ جو سوال ڪونهي. هرڪو ليکڪ پنهنجن ماڻهن ۽ پنهنجي ٻولي ۾ جونئي ليکڪ آهي. رڳو اتي ئي هو پاڻ کي گهر ۾ محسوس ڪري سگهي ٿو.“

”شايد توهان کي اسانجي پرانت جي حالتن (١٩٣٧ع) جي سڌ ڪانهي. اسين پنجاب ۾ يا هندي يا اردو ۾ ئي لکندا آهيون. ڪير بہ پنجابي ۾ ڪونہ لکندو آهي. اها تمام مسڪين ٻولي آهي. حقيقت ۾ اها ڀاشا

# انسانيت جو اديب ٽئگور

هڪ ساهتڪار جي حيثيت ۾ گرديو جي جڳهه نه فقط هندستان جي پر دنيا جي اعليٰ اديبن ۾ آهي. هر ڪنهن اعليٰ اديب پنهنجين اڪثر لکڻين ۾ پنهنجي زماني جي سچائي جو پرتو چٽو پيش ڪيو آهي، سماجي ۽ خرابين، نياءَ ۽ انياءَ جي ڪشمڪش جو ايمانداريءَ سان ورڻن ڪيو آهي. اهڙو مهان ساهتڪار ٽئگور به ٿي ڪونهي، جنهنجي ساهت جي گهڻي حصي ۾ سماجڪ ڀلائيءَ جي ڀاونا نه اڪل هجي ۽ جو فقط "رس" ۽ "روپ" جي زور تي مهان اٿيو هجي؛ ڇو ته جڏهن ٽئگور خود هڪ هنڌ لکيو، "جنهن ڪلا جي تهه ۾ سماجڪ ڀلائيءَ جي ڀاونا ڪانهي، اها بي معنيٰ آهي، بي جان آهي ۽ جيڪي انهي موهيندڙ روپ جا پوڄاري آهن، سي انسانيت جا ويري آهن." هو ٻئي هنڌ لکي ٿو، "اديب جو فرض هجڻ گهرجي ته هو پنهنجي ملڪ ۾ نئين زندگيءَ جو روح ڦوڪي، بيداريءَ ۽ جوش جا گيت ڳائي، هر انسان کي اميد ۽ خوشي جا پيغام پڏائي ۽ ڪنهن کي به نااميد يا اڪار ٿيڻ نه ڏئي. ملڪ ۽ قوم جي خيرخواهيءَ کي شخصي غرض تي ترجيح ڏيڻ

جو جذبو هر نئين نوڙي وڌي ۾ پيدا ڪرڻ اديب جو فرض هجڻ کپي.“

مٿين حوالن مان صاف ظاهر آهي تہ ٽئگور اڳيان ساهت جو مقصد ڇڙو هو. هن جي اڪثر ڪوتا، ڪهاڻي، ناول، ناٽڪ چاهي مضمون ۾ سماج جي ڀلائيءَ جي ڀاونا ضرور نظر اچي ٿي. سچ پچ ٽئگور کي انسان لاءِ اٿاهہ پريم هو. زندگيءَ جي آخرين گهڙين ۾ جڏهن دنيا جنگ جي بادلن ۾ گهيريل هئي، تڏهن بہ صاف صاف چيائين، ”مان انسان مان وشواس وڃائڻ جهڙو عظيم گناهہ نہ ڪندس.“ انسان ۾ اهڙي اٽوٽ وشواس ئي هن ۾ دنيا جي ڏک، رودن، پيڙا جو مقابلو ڪرڻ جي قوت ڏني. ان ڪري ئي هن دنيا جو تياڳ ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. جنهن هڪ ڪوتا ۾ لکيو، ”مان موکش حاصل ڪرڻ لاءِ تياڳي نہ ٿيندس.“ اهڙي جذبي هيٺ جهاني فاشسٽ شاعر ناگوچي کي لکيائين، ”مان ان ڳالهہ کي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهيان تہ ڪو ليکڪ زندگيءَ کان ڀڄي وڃي ڪنهن وڏي مناري تي ويهي سگهي.“

سن ١٨٨٦ع ۾ لکيل ڪوتا ”هريڪا“ ۾ چوي ٿو:-

”تون الي ويٺو ڪيستائين سوچنا لهندو رهندين؟
هلڻ جي ضرورت ڪانهي ساٿي،
هيٺ سخت ڌرتيءَ تي لهي اچ.

هو ڏس، سامهون طوفان پيو اچي،
تنهنجي خوابي دنيا آنسن جي ڦڙن ڌارا ۾ وهي ويندي.
وڄ جي چمڪاٽن ۾،
تنهنجي مٺي ننڊ جو نشو لهي پوندو.
اڄ ته اسين انسانن جي وچ ۾ هلون،
هنجي سک ڏک ۽ خوشي غم ۾ سندس ساٿ ڏيون.
هڪ ٻيءَ ڪوتا ”انعام“ (١٨٩٣ع) ۾ چوي ٿو:-
”مان هن سمنڊ وشال ڌرتيءَ ڏانهن
مدهوش نيڻن سان نهاريان ٿو
۽ نهارڻ ڇو مهنجين اکين ۾
آنسو ڇلڪي ٿا پون.
هيءَ حسين ڌرتي
ڪيترن انسانن جي محبت ۾ ڀڪيل آهي
ڪيترن ڏينهن جي ڏک سک سان داغي ٿيل آهي
لکين يگن جي سنگيت سان گونجيل آهي.
۽ مان هن سنسار جي مٽيءَ کي
پنهنجن گيتن جي مڌرتا سان
ڪيڙڻ چاهيان ٿو.
آڪاش جي گهٽائن کي وڌيڪ گهنگهور بڻائڻ چاهيان ٿو،
هن جڳ کي هڪ نئين چمڪ ڏيڻ چاهيان ٿو،
روشنيءَ جي لڪيءَ کي مٽائڻ چاهيان ٿو،
۽ هن سنسار مان ڪوچ ڪرڻ کان اڳ،
انسان جي مجبوريءَ کي سڀڪجهه گهٽائڻ چاهيان ٿو.“

مٿين ٻنهي ڪوتائن مان گرديو جي هردي اندر سمايل انساني پريم جو پورو پورو عڪس ملي ٿو. انهن ڪوتائن کي پڙهڻ سان انسانذات جي درد ۾ حقدار ٿيڻ جي تڙق پيدا ٿئي ٿي.

گرديو جي ڪوتائن جي لئه، سنگيت ۽ سليساڻي ته جڳ پرسته آهن. سچ ته انهن حوالن پٺيان ئي گرديو جو انساني پريم لڪل آهي. هن ڪوتا کي ڪروڙين انسانن تائين پهچائڻ ٿي چاهيو ۽ نه پنهنجو پاڻ تائين محدود رکڻ ٿي چاهيائين. ڀلا اها محدود رکندو به ڪيئن جڏهن دنيا ۾ بي انصافي، ڪٺورتا جا قهر ڏسندو. انڪري ئي ته درد ڀريان پڪاري اٿي ٿو:-

”هي نصيب اهڙو بي رحم ڇو آهي؟
اهو زنجيرن ۾ ڇو ٿو جڪڙجي
ٽوڙ، اي منهنجي دل، انهن زنجيرن کي ٽڪر ٽڪر
ڪري ڇڏ
۽ پنهنجي دل جي تمنا پوري ڪر.
جڏهن دل هڪ نئين سجاڳيءَ سان پرنور آهي،
تڏهن اندڪار ۽ ڪٺور قسمت دي ڪير ٿو ليکي؟
جڏهن بيڪل تمنا ڦاٿي نڪري ٿي
تڏهن دنيا ۾ ڪنهنجو ڊپ ڇا لاءِ ڪجي؟“

گرديو جو ايشور ۾ اٽل وشواس آهي ۽ هن جون ڪيتريون ڪوتائون ان جي وڏائيءَ ۾ لکيل آهن، پر ان هوندي به هو ايشور جو پاڻ مدد ڪري پوڻ جي

”مون کي ڪا به ڊپ نه، ڪو به موڪلي ڏيندم آئي،
جتي خزاني هٿ ڪرڻ لاءِ ڳري ۽ ڳرو جوکم کڻڻو ٿوي،
جتي چوڌاري سخت ڏنڌن ڀري کي هجن.
”سمجها سمي، جيڪر سنڀاليندي سيج پنهنجي ۽ وڃڻ
نٿي چاهيان. پر مان ته اهي خوف کي پيار جي طوفاني
اٿاهه سمنڊ ۾ گهڙڻ ٿي چاهيان، جتي سمنڊ جو طوفاني
جوش منهنجي مڪڙي تان ڪناري جو پردو هٽائي
ڦٽو ڪري ۽ سامونڊي پکين جي ڇهڪارن جي وچ مان
پڌري پر اچي پنهنجي ور پنڌ وڃڻ لاءِ منهنجي پڪار —
”لون منهنجو آهين.“

انهن شعرن پڙهڻ سان هڪ اهڙي باک پت نوڙ عورت
جي تصوير سامهون اچيو بيهي. هڪ ٻئي شعر ”آزادي“
۾ به اهڙي نئي استري جو چٽ چٽيو اٿس. ان جو نت
هي آهي — منجلي نالي ڇوڪري کي سندس سنگدل پيءُ
هڪ پوڙهي سان انڪري ٿو پرڻائي، جو اهو اوچ
گهرڻ آهي. پر مهن اندر ئي منجلي وڏوا پڄي ٿي
ٿي. سندس ماءُ هن سان همدردي ڪري ٿي ۽ ڪيس
وري شادي ڪرائڻ چاهي ٿي، پر اهي ڪئي نو پڌري.
ٻئي ماءُ ۽ ڌيءَ اندر جو اندر ۾ ڏجهندي ليون رهن.
ماءُ وچي سامين سڪالي ٿي ٿي. اهي سال اندر ئي
وري اهي شادي ڪرڻ ٿو چاهي، ليڪن منجلي بغاوت
ٿي ڪري. جڏهن سندس ٻيءَ نئين ڪناري ولهو ٿو
اچي، تڏهن گهر ۾ ڪڙڪو ٿو ڏسي. منجلي پنهنجي

ننڍي هوندي جي پرڻتم "پڙهين" سان پاڇي ويٺي هئي.

ٽين ڪوٺا ۾ وري هڪ استري جي دردناڪ ڪهاڻي ٻڌائي انس. "چونڪارو" ڪوٺا هڪ ٣١ ورهين جي گهرو استري جي خود ڪلامي آهي، جا مٿين وچولي ڪٽنب مان آهي. شروعات جون سٽون ئي ان عورت جي دک ڀري وارتا جو داستان پيش ٿيون ٻڌائين جا گهر جي روزاني ڪرت ڪار ۾ قيد ٿيل آهي ۽ ٻاهرين زندهه چرهندڙ پرندڙ دنيا کان پري آهي. چوي ٿي، "وڃ ڪي جيڪي وڻي سو چوي، پر منهنجن مٿان واري دري کولي ڇڏيو. مونکي هوا جو ٿڌو جهونڪو ته وٺڻ ڏيو... دوا ڇا جي؟... دوا وٺڻ جا ڏينهن گذري چڪا...."

ٽون ورهين جي هئي ٽڏهين هن گهر ۾ آئي هئي ۽ ۽ ڪوهجي ويٺي هئي روزاني ڪم ڪار جي ڏگهين قرندڙ گهرندڙ ٻانهن ۾.

چوي ٿي، "موقعو ئي ڪين مليم جو ڄاڻان ته آءُ آخر آهيان ڪير؟ ڪڏهين ڪل ئي ڪين پيم ته دنيا ڪهڙي مطلب سان پري پيئي آهي.

"اها ته سڌ ڪين هيم ته هوش زماني جي ٿاڙ ٿي، ڪهڙو سڌڪيمت ڇڙيندو آهي، اس ايتري ڄاڻ هئم ته رڌڻ کان ٻوهه ڪالبو آهي ۽ ڪاڇڻ کان ٻوهه وڌيڪ آهي. ٻاوهن سان لاڳو الهي، چڪر ۾ ڪڏي پيٺي قران.

ٻاويهه پورا سندس دروازي تي ٻاهر پنهنجا قدم رکيا آهن، پر ڪنهن ڏانهس اک کڻي به نه نهاريو آهي. شايد ڪنهن گهڙيءَ ساڻس ڇيڙڇاڙ ڪئي به هجيس؟ شايد ڪن سهائل قدمن جي آهٽ وٽ لاءِ ڌڙڪندڙ دل سان ٻاهر جي هير ۾ اچي اٿي به هجي، مگر ڪنهن کي سندس پرواهه هئي؟

چوي ٿي، "تون آفيس مان موٽندو هئين

۽ شام جو رات ٿي، هليو ويندو هئين

مگر رهڻ ڏي. مان اڄ اهي ڪن گهڙيءَ لاءِ اُٿيل من اندر لڪي ويل تمنائون ڇو پيئي دهرايان؟"

فقط هاڻ جڏهن هوءَ مرڻ ڪنڌيءَ تي پهچي چڪي، تڏهن پهريون ئي دفعو ٻاهر سندس پيٽي اندر قدم رنج فرمايو هو.

چوي ٿي، "ٻاويهن سالن جي منهنجي جيون جي لنبي عرصي ۾ اڄ ٻاهر منهنجي ڪوٺيءَ ۾ پير رکيو آهي."

۽ انهن ٻاويهه سالن جي نااميديءَ جي لنبي عرصي ۾ جيوت موت منجهه جهونڪارو پاتو. مٿين وچولي درجي جي ڪٽنبن جي ڪيترن ئي ذالن جي ساڳي ئي دردشا آهي.

هي ٽي ڪهاڻيون نهايت اهم آهن. ٽيئي استري پاتر مثالي پاتر آهن. کهڙي نه حقيقت نگاريءَ سان هنن جو چٽر چٽيو اٿس. ڪهاڻين کي پڙهندي مظلوم استرين لاءِ بي پناهه همدردي؛ سماج خلاف سخت نفرت جو طوفان

پنهنجي پٽيءَ ماڪ جي ڦڙي مثل موتي ڳالهه، جي ڪنار
تي لڏن لاءِ ۽ قيمتي ڦڙا ماڪ کي ڪراڙ ٿون، سي تو
لاءِ آڻيندس ابا.

ٻه اڏندڙ گهوڙن جا جوڙا آڻيندس دادا لاءِ، جن
تي چڙهي هو آسمان جي ٿوڪلا تيءَ واري ڪڍندي
۾ ٿي پيو اڏامندو. بابا لاءِ آڻيندس انيڪ چمڪندڙ گل،
امي لاءِ آڻيندس هڪ سونو دلو ۽ موتين جا ٻه هار،
جنهن جو ملهه ٿيندو سڀني راجائن جو ڌن!"

مون جيڪي گرديو جون ڪهاڻيون ڏٺيون آهن تن
مان ڪا به سندس پوئين دور جي ڪانهي جنهن ۾
ٺاگور جي ڪلا جو رنگ، روپ وڌيڪ نکري پيو. اها
سماجڪ ۽ احساسڪ شعور جي لحاظ کان وڌيڪ چٽي،
سڌي ۽ عوام جي وڌيڪ ويجهو هئي. جنهنجو اڳي هيٺ
تفصيلوار ذڪر ڪيو اٿم.

گرديو، ناول نويس جي نسبت ۾ ڪهاڻي نويس وڌيڪ
سڦل مڃيو وڃي ٿو، جيڪا حقيقت به آهي. هنجي
دنيا جي عالمي ڪهاڻي نويسن- چيخوف، او- هينري،
موپاسان ۽ گورڪيءَ سان گهڻي نسبت ڪئي ويئي آهي.
خاص ڪري چيخوف سان، جنهن وانگر هنجي ڪهاڻين
۾ روزاني جيون جو چٽ چٽيل آهي، منو وگيانڪ
ڪشمڪش ڏنل آهي ۽ انهن ۾ هڪ اونهون درد ۽
انسان دوستي جو جذبو اٽل هوندو آهي. گرديو جي
ڪهاڻين ۾ هڪ ڳالهه وڌيڪ هوندي آهي. ڪوي ۽

ليڪن جڏهن پنهنجي ڪيسي مان پنهنجي سڳي ڌيءَ
جي همت جو نشان ڏيئي "مان" ڪردار کي ڏيکاري ٿو،
تڏهن هو گهر وارن جي سخت مخالفت جي باوجود
ڪابولي والا کي ملائي ٿو ۽ شاديءَ جي خرچ ۾ ڪٽ
وجهي ٿو. ڪيس پنهنجي پوٽ، ڪابل وڃڻ لاءِ پئسا ڏئي
ٿو. ۽ انهن ٻنهيءَ جو پرام ذات پات، چال چلگت ۽ ديس
ديسانترن جون سرحدون لتاڙي اڳتي وڌي ٿو ۽ انسانيت
کي زنده رکيٿو.

ساڳيءَ طرح ٽئگور جي ٻي شاهڪار ڪهاڻي "ماسي"
۾ ماسيءَ جي ممتا جو لاثاني چٽر آهي ۽ ان سان گڏوگڏ
هڪ بيدرد پٽنيءَ جي تصوير پڻ ڏني اٿس، جنهنکي
پٽيءَ کان وڌيڪ پيسا پيارا آهن.

ٽئگور جي ٻين بهترين ڪهاڻي آهي گونگي ڪنوار
(شڀا). هيءَ به هڪ معصوم گونگي نينگر جي آنسن جي
ڪهاڻي آهي. جنم کان گونگي آهي. جڏهن شاديءَ
لائق ٿئي ٿي، تڏهن مائٽن کي سندس چورا ڪورا ٿي.
سندس پاڙيسري لچ پرتاب متس هرڪ هاري وينو آهي
ته به شڀا جا مائٽ ڪيس پٽي هنڌ پرڻائي انسا چڏين.
شڀا خاموشيءَ ۾ گوڙها ڳاڙهيندي ٿي رهي. سندس پٽيءَ
۽ ساهرن کي جڏهن سندس گونگي هئڻ جي سڌ پوي
ٿي، تڏهن هو ڏاڍو بيپرواه ٿا رهن. جيڪو سندس
پرواه ڪرڻ وارو "پرتاب" هو، سو نه اتي هوئي ڪونه.
ٽئگور هيءَ ڪهاڻي نه لکي آهي جنسي چٽرڪاري

ڪٿي آهي. البت سندس پڇاڙيءَ ۾ شيبا ڪي پرتاب جي حوالي ڪرڻ واري ٻڌايل ڇهڻا، ڪلا کي ڪجهه ڌڪ هڻي ٿي.

ائين ڪونهي ته گرديو رڳو رواجي ماڻهن جي امنگن ۽ احساسن تي ئي ڪهاڻيون لکيون آهن، پر هنن جي مسئلن تي پڻ قلم هلايو آهي ۽ اهو سوال اٿاريو اٿس ته "هن دنيا ۾ هي ننڍڙا انسان گهٽي ۾ گهٽي دکي حياتي ڇو ٿا گهارين؟" جنهن "استريءَ جو خط" ڪهاڻيءَ جي نائڪا مرڻال پڻ ٿي. ائين ته مٿين ٻن ڪهاڻين "ماسي" ۽ "گونگي ڪنوار" ۾ به استري پرش جي وهنوار جو مسئلو به اچي ٿو وڃي. پر گرديو جون مسئلن واريون ٻيون ڪافي ڪهاڻيون آهن. جن ۾ بهترين آهن - "استريءَ جو خط"، "ليابڳ"، "بادل ۽ ڪرڻا" ۽ "جنم پتري".

"استريءَ جو خط" هڪ مظلوم عورت جي مرد جي ڏاڍائي ۽ سماج جي بي انصافيءَ جي رسمن رواجن خلاف بغاوت جي ڪهاڻي آهي. مرڻال هڪ بيباڪ عورت آهي، جا بي انصافيءَ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ پنهنجي پتيءَ کان سدا لاءِ جدا ٿيڻ کان نٿي هٻڪي. جدا ٿيڻ وقت هوءَ پنهنجي پتيءَ ڏي هڪ خط ٿي لکي، جنهن جي طرز ۾ ئي ڪهاڻي لکيل آهي. اهو خط جيتوڻيڪ ڪجهه وڏو آهي ته به اهو مرڻال جي جذبن جي پوري ترجماني ٿو ڪري.

مرڻال جي ساهري گهر هڪ اڪيلي ابوجهه، نيمگر پنڌو

جي "تياڳ" ڪهاڻيءَ جو ناٽڪ ٿو، اوچ درجي
ڪتاب جو آهي. هو ڪسم لاءِ موهت آهي ۽ ٽيڪ
ان سان لاڳاپو لهي ٿو. ليڪن ڪسم سچ پچ ڪانسٽا
ذات جي هڪ ٻال وڌوا آهي جنهنجي هيمنت کي
چاڻ نه آهي. جڏهن هيمنت جي پيءُ کي اها سڌ
پوي ٿي ته ڏهن هو پٽ کي حڪم ڪري ٿو ته پنهنجي
پتنيءَ کي گهر مان ڪڍي ڇڏ. ليڪن هو گهڻي سوچ
ويچار بعد هنکي ڪيڻ کان انڪار ٿو ڪري، جنهن
ڪري پيءُ پٽ کي تياڳي ٿو.

گردياري هن ڪهاڻيءَ ۾ ذات پات جي ڀيد کي جيڪا
چوٽ هنئي آهي سا دل ۾ چڀندڙ آهي ۽ جيڪا تصوير
ڪشي ڪئي آهي، جيڪي تشبيهون ڏنيون آهن ۽
جيڪو شاعراڻي ٻوليءَ جو شراب اوتيو آهي، سو هنجي
تمام ٿورن ڪهاڻين ۾ ملندو. ڪهاڻيءَ جي پڄاڻيءَ واري
نظاري کي دهرائڻ کان قلم رڪجي ٿو.

"ڪرشن پڪش جي پنڇين رات هئي. ڪاري ٻاٽ
پکين جا گيت سڻبا هئا. ليچي جو وڻ هيٺ هڪ
مس جي چٽي وانگر ٿي لڳو، جو گهٽ ڳوڙهي رنگ
جي پس منظر ۾ ڪرپال هجي. ڏاکڻي هوا تند ۾ هلندڙ
عادليءَ والڪيان اولده ۾ الڏا ڏ نڌ هلندي لي ويئي.
سنتال ٿيا اڪ چمڪ جي اولده کي چوري چوري ڏسڻ
جي ڪوشش ڪري رهيا هئا، جو ڪڏهن ڳوهارڻ کي
ڪولڻو الڻ.

آرام پئون ۾ ڪافي پٺتي ڪين ٿي آئي. هيمنت ريءِ وٽ پيل هنڌ تي ويٺو، اولهه طرف تڪي رهيو هو. ڪسم، پنهنجي پيرن کي ٻانهن ۾ جڪڙيو ٻاٽ ۾ ويٺي هئي. منهن ڪٽي سندس پيرن تي رکيو هئائين. وقت اٿاهه سانتيڪي ساگر جيان پکڙجي ويو هو. قدرت جي انت پکيڙ مٿان چڱ هئي موت هميشه هميشه لاءِ ڇٽي ڇڏي هئي. هرطرف نيستي هئي، وچ ۾ ڄڻ هو ۽ ڏوهي پيرن تي ڪري پيو هو.

سليپر جو آواز وري ٻڌڻ ۾ آيو. دروازي ڏانهن نهاري هريهر مڪرجيءَ چيو، "ڪهڙوني وقت ڏنو مانءُ، وڏو ڪ منهنجي وس کان ٻاهر آهي. ڪڍندس هاڻي ڇوڪريءَ کي گهر کان ٻاهر."

ڪسم، اهو ٻڌندئي پنهنجي پيرن کي ڪٽي جوش منجهان ڀاڪر پاتو ۽ انيڪ ڇمين سان ڪٽي پريائين ۽ نراڙيءَ کي شرڌا وچان چرنن سان ڇهائي پوئتي هٽي ويٺي.

هيمنت اٿيو ۽ دروازي وٽ اچي چيائين، "بابا، مان پنهنجي پتنيءَ کي نه تياڳيندس."

"ڇا؟" هريهر رڙ ڪئي، "پنهنجي ذات وڃائڻي اٿيئي؟"

"مونکي ذات پات جي پرواهه ڪانهي." هيمنت سنجيدگيءَ سان جواب ڏنو.

"ته مان توکي به تياڳيان ٿو."

ٿي. جن نامعلوم شخصي ۽ ٻالا جهڙن ڪيترن جـون حياتيون تباهه ڪيون هيون.

ساڳيءَ طرح "جنم پتري" ڪهاڻيءَ ۾ پيار جي شاديءَ جي حمايت ڪيل آهي. پـيءُ جنم پتريءَ ۾ وشواس ڪندڙ آهي، پر ماءُ وشـواس ڪندڙ ڪانهي ۽ پنهنجي ڌيءَ جي شادي سندس پريتم سان ڪرائڻ چاهي ٿي. پيءُ مخالفت ڪري ٿو تيستائين، جيستائين هنجا گره نٿا ٺهن. ماءُ ڇوڪريءَ جي ڪُوڙي جنم پتري ٺهرائي گره ملائي ٿي.

ٺڪور هن ڪهاڻيءَ ۾ طنز ۽ نفيس مذاق پيدو آهي جو ڪهاڻيءَ جو قدر ڀيڻو ڪيو ڇـڏي ۽ جنم پتريءَ جي رسم کي زبردست ڌڪ هنيو ڪيئي.

گرديو جون، ڪردارنـگاري ۽ مسئلن وارن ڪهاڻين کانسواءِ ماحول جون پڻ ڪهاڻيون آهن. جن مان مشهور آهن. "گنگا گهاٽ" ۽ "راجائي رنگ محل"، پر انهن ۾ حقيقت نگاري گهٽ ۽ رومانيت جي ڌارا وڌيڪ آهي.

گرديو ۱۸۸۴ کان ۱۹۴۱ تائين ڪل ۱۱۹ ڪهاڻيون لکيون. ڪڏهن پنجن سالن ۾ پنج ڪهاڻيون لکيائين ته ڪڏهن ۴۵. ڪهاڻيون ڀانت ڀانت جي وشين ۽ طرزن تي لکيل آهن. ڪردار نگاريءَ جون ته ڪي مسئلن جون. ڪي ماحول جـون ته ڪي ٻال منو وگيانڪ جهڙوڪ راهه چرن، پرديسي مهمان وغيره.

جي اول جو ٻول بالا هو، ليڪن ٽئگور جا ناول بنڪم کان گهڻو اڳتي نڪري ويا. بنڪم جا اتهاسڪ ناول ايترا ته لکيل آهن جو هو سڏبو هندستان جو والٽر سڪاٽ آهي، جنهن جو مٿس اثر به پيو هو. پر اهي ناول به ناول گهٽ ۽ اتهاس وڌيڪ هوندا آهن. بنڪم جيڪي ٿورا سماجڪ ناول لکيا آهن تن ۾ هو سماجڪ رسمن رواجن جي پيروي ڪندڙ ناول نويس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هو ان مت جو حمايتي ٿي لڳو ته مروج رسمن موجب جيڪو بڇڙائي ڪري ٿو، تنهنکي سزا ملڻ کپي، جئن "چندرشيکر" ناول جي شيوالني ۽ "ڪرشنڪانت ڪا ول" جي روهڻي.

ليڪن ٽئگور، سماج ۾ جيڪي مروج مدي خارج رسمون ڏٺيون، تن جي هن ڪڙي ٽيڪا ڪئي ۽ انهن خلاف آواز بلند ڪيو، جئن "مايا" ناول ۾ وڌوا جي پرڻم ڪرڻ جي حق جي تقاضا ڪئي اٿس، جيڪو بنڪم لاءِ ڄڻ هڪ گناه جو ڪم آهي.

ساڳيءَ طرح اتهاسڪ ناولن ۾ بنڪم اهڙو قوم پرست ٿو نظر اچي جيڪو پنهنجي ديس جي پراچينتا جي وڏائيءَ ۾ ڪوهيل آهي. اها هڪ تنگ قوميت آهي. ليڪن ٽئگور جي قوميت تنگ نه آهي، وشال آهي، جنهن ۾ پنهنجي ملڪ جون خرابيون ڏسڻ جي قوت آهي، جئن "گورا" ۽ "گهر ۽ ٻاهر" ناولن مان صاف ظاهر آهي.

نه رڳو موضوع ۽ ويچار ڌارا جي لحاظ کان ٽئگور جا

جيڪا ناول جي وڏي خامي آهي. اهو ڏيکاري ٿو ته ٽئگور تي آدرشواد جو زبردست اثر هو.

ساڳيءَ طرح ٻئي ناول "طوفاني رنگ" (١٩٠٦) ۾ به آدرشوادي ٽئگور حقيقت نگار ٽئگور تي ڇانيل نظر اچي ٿو. "طوفاني رنگ" هڪ اهڙي پرش (رميش) جي ڪهاڻي آهي جنهن کي طوفان ۾ ٻيڙي ٻڏڻ ڪري پنهنجي پتنيءَ جي بدلي ٻئي جي پتني (ڪملا) ملي ٿي ته هو هن کي ڌاري شخص جي امانت سمجهي پتنيءَ جهڙو ورتاءُ نٿو ڪري ۽ آخر ۾ ڪملا کي پنهنجو وڇايل پتي واپس ملي ٿو. ٻئي طرف ناول جي نائڪا نلني هڪ دفعو رميش کي دل ڏئي آهي ته پاڻ يا پيءُ جي زور ڀار هيٺ ٻئي شخص سان لانئون لهڻ نٿي چاهي. هتي آدرشوادي ٽئگور برهمڻ نلني ۽ رميش کي شادي نٿو ڪرائي. هن ناول جي خاص خوبي آهي خوبصورت رتا، جا گرديو جي ٻئي ڪنهن به ناول ۾ ڪانهي.

گرديو جو ٽيون ناول جنهن هن کي جڳ مشهوري ڏني ۽ جيڪو سندس ناولن ۾ بهترين مڃيو وڃي ٿو سو آهي "گورا"، جنهن نه رڳو ناول نويسيءَ کي اوچ ڏني، پر عقلپسندي ۽ قومي جاڳرتا کي به زبردست هٿي ڏني. اهو صحيح معنيٰ ۾ هندستان جو پهريون قومي ناول چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو، جنهن ماڻهن ۾ انڌ وشواس ۽ ڌارين جي نقل لاءِ نفرت ۽ صحيح وطن پرستيءَ جي جذبن کي جاڳايو.

"گورا" ناول جي ڪهاڻي ٻن نوجوانن گورا ۽ بناءَ جي پيار جو مسئلو کڻي لکي وئي آهي. ٻئي ذات پات جي ڀيد جي پرواهه نه ڪري ٻن برهمو سماجي ڇوڪرين سچترا ۽ للتا سان شاديون ڪرڻ ٿا چاهين. تنگدل انسان سندن راهه ۾ گهڻيئي رنڊ ڪون وجهن ٿا، پر هو انهن تي آخر سوڀ پائين ٿا. جنهن لاءِ برهمو سماجي پريش بابوءَ جي وڏيءَ دل ۽ هڪ هندو استري آنند مئيءَ ڪيرون لهڻيون. ليڪن "گورا" ناول رڳو پريم ڪهاڻي ڪانهي. ان معرفت انوقت جي سماجي ۽ راجنيتي مسئلن تي روشني وڌي وئي آهي.

ناول جا مکيه ڪردار ملڪ جي مسئلن تي خوب بحث مباحثو ڪن ٿا، نه آرام پسند وڏوان وانگر، جيڪي چانهه جي پيالي تي گشا گپا هڻندا آهن، پر انهن گنڀير انسانن وانگر جيڪي مسئلن کي پنهنجي جيون جو انگ سمجهندا آهن ۽ سچي دل سان انهن جو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

ناول جو نائڪ گورا پاڻ کي پراچين روايت جي بندشن ۽ پنهنجي پيدا ڪيل بندشن ۾ ٻاهرين گهٽجڻ لڳي ٿو، پر پوءِ محسوس ڪري ٿو ته انهن بندشن کان ٻاهر وسيع دنيا پيئي آهي ۽ اهو محسوس ڪرڻ کان پوءِ چوي ٿو، "اڄ مان سچو پڪو هندستاني آهيان، مسلمان ۽ ڪرستان آهيان. اڄ هرڪا ذات منهنجي ذات آهي، سڀني جو ڪاڄ

منهنجو ڪاڄ آهي." اهو آهي ٽئگور جو انسان ذات ۽ وسنتيءَ جو پيغام.

ٽئگور جو چوٿون مشهور ۽ اهم ناول آهي "گهر ۽ دنيا" (١٩١٦)، جو ته "گورا" ناول وانگر قومي ناول آهي. اُن ۾ پنهنجي زماني جي راڄنيتي ۽ سماجڪ مسئلن ۽ ويچارن جو چٽو چٽيل آهي. هن ناول جي عبارت انوکي آهي. ناول ٽن مکيه ڪردارن وملا، نکل ۽ سنديپ جي وراتان بيان آتم ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ آهي ۽ گرديو انهن جي آتم ڪهاڻين کي نهايت خوبيءَ سان هڪ ئي ڪڙيءَ ۾ ڳنڍيو آهي.

ناول جي ڪهاڻي آهي ته نکل پنهنجي پتنيءَ وملا کي خاص انگريزي ماستر پاڻ رکي گهر ۾ انگريزي تعليم ٿو ڏياري، جيڪا ان زماني جي هڪ نئين ڳالهه ليکي ويندي هئي، جڏهن ڇوڪرين کي وڏي تعليم نه ڏياري ويندي هئي. هو پتنيءَ کي ٻاهرين زندگيءَ ۾ پاڻ وڻڻ جي مڪمل آزادي ڏئي ٿو. هن جي وچ ۾ نياڪڙ سنديپ اچي ٿو، جيڪو ڪامٺو انقلابي آهي. وملا ان جي بلغاري تقريرن ۽ ڦڙ ٻاڻي ڳالهين تي ايترو ته موهت ٿي پوي، جو هڪدم پنهنجو گهر ٻار وسري ٿو وڃي. ايتري قدر جو پنهنجي گهر مان پئسا چوري ڪري سنديپ کي مدد ڪري ٿي، ليڪن پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي غلطي محسوس ڪري ٿي.

گرديو هن ناول ۾ ٽن مسئلن جو انتهائي روپ

اوري ٿي اچي ڪامياب ٿيڻ جي وڌيڪ پڪ ٿيندي.“

ائين ٿو لڳي ته سينڊيپ هٽلر ۽ مسوليني جهڙن جو پيش رو هو. ٻئي طرف، نکل ٿو مهاتما گانڌيءَ جو سروپ آهي. سچ ۽ اهنسا جو حامي، زور زبردستي، ڪوڙ ۽ ٺڳيءَ جو دشمن آهي. هو صاف چوي ٿو، ”مان پنهنجي ديس جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر سچ جو پوڄاري آهيان ۽ ان ڪري مان پنهنجي ملڪ کان به وڌيڪ پيار ڪريان ٿو. پنهنجي ديس کي ديوتا وانگر پوڄڻ سان ان کي سراپ پوندو.“

البت مٿي ٻڌايل ٻن مسئلن جو جيڪو نفي (Negative) پهلو ڏنو ويو آهي، سو انهن جي شفي پهلوءَ تي ايترو غالب آهي، جو ڪن جي دلين ۾ استريءَ جي صحيح آزاديءَ لاءِ، سوديشي هلچل لاءِ ۽ سڀني انقلابين لاءِ هڪ قسم جي نفرت پيدا ٿيندي، جيڪا چمڙ خود انتهاپسنديءَ جو نتيجو آهي، جنهن کي ناول ۾ ننديو ويو آهي.

”ڪمودني“ گرديو جو پهريون ناول آهي، جيڪو ”مايا“ وانگر سماجڪ ناول آهي. هن ۾ پتي پتنيءَ جي وهنوار جو مسئلو کنيل آهي، جيڪو اڄ به پراڻو مسئلو آهي.

ناول جي نائڪا ڪمودني هڪ پڙهيل ڳڙهيل سگهڙ سندري آهي، جنهن جو پلاند هڪ شاهوڪار عيشي جيئري مڌسودن جهڙي پتيءَ سان ٿو اٽڪي. هو انسان جي ويس ۾ هڪ شيطان آهي. هو پنهنجي استريءَ

آلدي آهي ۽ ان ٿي نہ ٻاڻ ھڻن ٻنهي جي گهر ۾ بربادي ڪري هوءِ هنجي راهہ مان نڪري، ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ يورپ هلي ٿي وڃي. شرميلا پنهنجي پتيءَ کي چوي ٿي، ”توهين موٽي سيڪاربو، ترڪيب ڏيو، جنهن مان توهان جي دک سک ۾ ساٿ ڏيڻ ۾ پاڻ کي توهان جي لائق بڻايان.“

گرديو هن ناول ۾ استريءَ جي ٻن روپن - محبوبا ۽ ماءُ جو دلڪش چٽ چٽڻ ۾ ڪمال ڪيو آهي؛ اهوئي سڄيو ڏنو انس تہ جيڪي انسان پنهنجي پتنيءَ ۾ ئي ماءُ ۽ محبوبا پائين ٿا سي سکي رهن ٿا. هن اڻ سڌيءَ طرح اڄ جي سماج ۾ هلندڙ ناجائز پيار تي ملامت پڻ ڪڍي آهي.

ساڳي طرح ڦلواڙي ناول جا مائهي آهن - نيرجا، ادتيہ ۽ سرلا. نيرجا ۽ ادتيہ پتي پتني آهن ۽ سرلا نيرجا جي سوٽ آهي ۽ ادتيہ جي نمائش جي انچارج. پتي پتنيءَ کي هڪ باغ آهي جوئي سندن آدرش زندگيءَ جو ذريعو آهي. نيرجا جي بيمار ٿيڻ تي سندس سوٽ کي مدد لاءِ گهرايو ويو. ليڪن جڏهن نيرجا پنهنجي پتيءَ کي باغ جو ڪم ڪندي، سرلا ڏاڍهن سندس پريت ۽ ارواح ڏسي ٿي تڏهن اها ڳالهہ هن کان برداشت ڪانہ ٿي ۽ ٻنهي پتي پتنيءَ جي وچ ۾ ڪاهہ ڪولهي ٿي وڃي. نيرجا پتيءَ کي سرلا کان پري رهڻ لاءِ زور ڀري ٿي ۽ هو اها ڳالهہ مڃي ٿو.

ڪري ٿي ۽ پڇاڙيءَ جو ان ورون ڪندي ڏسي پران
ليا ڳي ٿي. ليڪن ٻنهي ناولن جا ناٽڪ شريڪانه ۽
ادبي هڪجهڙائي آهن. ٻه ڦلواڙي، جو "رمڻ" "ٻه پيئر"
جي "نرنڌر" ڪردار جي پيٽ ۾ نهايت پيارو ڪردار
آهي جو ٿي چڪو ناول جو سڀ ناٽڪ آهي. ٻنهي ناولن
جي رٿا ٻه سليس، سڌي سنئين آهي، لاهه چاڙهه
کان آجي آهي، انڪري گهڻي دلچسپ آهي. ٻنهي
ناولن پڙهڻ کان پوءِ دل ۾ مظلوم عورت لاءِ همدردي
جاڳي ٿي نه مردن جي، ٻنهي جي پٽنيءَ ڪي پريم ڪان
نجي، ٻيءَ استريءَ ٿي پريم ورڪا ڪرڻ واري مئورتيءَ
لاءِ حقارت پيدا ٿئي ٿي.

ٽئگور جي پڇاڙيءَ واري دور جو ٻيون اهم ناول
آهي "ليڻ سنگي" جنهنجو هڪ حصو "لئبارٽري"
سڏجيءَ جي نالي هيٺ سنڌيءَ ۾ ڇپيل آهي. اهو حصو
نه ناول ٻدران ناولٽ ٿو لڳي.

هي ناول موضوع توڙي عبارت جي لحاظ کان نرالو
آهي. ان ۾ سرمائيداري سماج جي مٿئين وچولي طبقي جي
ماڻهن جي ڪوڪلائيپ، سطحي زندگي، ڏيکاءُ ٻاڪدب
وغيره تي زبردست چوٽ ڪيل آهي ۽ ساڻ طنزي ۽
ٺٺوليءَ ڀرئي نوع ۾.

ناول جي نائڪا آهي ودوا سهڻي. هوءَ ٻوليءَ ۾ آنسو
وهائي زندگي برباد ڪري ڇا ٿي ٻو ٻوليءَ لاءِ ٻاسران
ڏيهي ۽ ولي سگهي ٿي. هڪڙي ٻئي وڪان هزارن وانگر

جي ٽِباڻوري ورتي ۾ ملي ٿو. ان ڪان سندس عزيز ڪيس ڪورٽ ۾ ڌڪلين ٿا، پر انيٺ هوءَ ڪامياب ٿئي ٿي. هن ڪي اڇاڻا سندس ننڍپڻ وارا مرد ساٿي خط پٽ لکندا آهن ته انگريز جو هن سان محبت اٿن پر سندس چيڪ پڪ ۾ اک اٿن. سهڻيءَ کي نيلا نسائي ڏيءَ آهي جنهنجي شادي هوءَ اهڙي ڇوڪري سان ڪرائڻ ٿي چاهي جو نه رڳو هن ڪان پئسو نه وٺي پر اٽلو هنجي ٽِباڻوريءَ جي سنڀال ڪري، سندس پٽيءَ جو نالو زنده رکي. هڪڙي اهڙو ڇوڪرو ريوني پٽاچاري ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، پر اهو به هڪ نوڪرياڻيءَ جي اثر هيٺ آهي ۽ سندس به ٽِباڻوريءَ جي پئسن ۾ اک ٿي ڏسجي. نيٺ نيلا ڪنواري ٿي رهجي وڃي ٿي ۽ ٽِباڻوري ڀڄي ٿي وڃي.

ٽئگور هن ناول ۾ متين طبقي جي ڀورواءِ ماڻهن جو چٽو چٽيندي پڌايو آهي ته ڪيئن نه هنن وٽ سڀڪجهه ناڻي جي ئي معيار سان ماپيو وڃي ٿو. هنن کي انسانن ڪان وڌيڪ ڪتن سان پيار آهي ۽ وڳيان ساهمت لاءِ ڪاٻر سگ نه اٿن. چانهه پارٽيون وغيره هنن لئي استري پرش (جوان نوڙي پيدا) فقط هڪ ٻئي سان ڇير چاڙ ڪندا رهندا آهن.

ناولن جي مختصر متين سمالوچنا مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ٽئگور جو ناول دنيا جي اُستاد ناول نويسن. بالزڪ ۽ ٽالسٽاءِ جي ناولن جي درجي ٿي نه رسي سگهندو. پر

ورتل پيٽ آهي ۽ اهو وچولي طبقي جو آهي. هو سدائين لاءِ عام ماڻهن سان وچي ٿو ملي ۽ پنهنجي ماڻهن کي اڄ ۾ ساهه ڏيڻ کان بچائي ٿو. انڪري کيس پنهنجي حياتي قربان ڪرڻي پوي ٿي.

"مڪت ڌارا" ڳانڌيءَ جي شخصيت ۽ سندس اهنسڪ هلچل جي ٿي وڏائي پڌرائيندڙ ناٽڪ آهي. ان مان اسان کي گرديو جي سياسي ويچارن جي به جهلڪ ملي ٿي.

ڌنجيءَ جي واتان چوائي ٿو، "جنهنجي دل ۾ هنسا رهي ٿي، خوف به انجي پٺيان لڳو ٿو رهي... نه مهاراج، اسين پلون نه ڏينداسين... جيڪا چيز توهان جي ڪانهي، اها توهان کي ڏيئي نه سگهنداسين... توهانجو حق انهيءَ اَن تي ٿي سگهي ٿو جيڪو اسانجي پيٽ قوت کان وڌيڪ هجي. اسان جي پيٽ قوت جو اَن توهين ونڊي ٿا سگهو."

"چترا" ناٽڪ ۾ انساني محبت جي عاليشان تصوير چٽيل آهي. انجي آڪاڻي مهاڀارت مان کنيل آهي. جڏهن پانڊون کي ديس نيڪالي مليل آهي، تڏهن هڪ ڏينهن ارجن جهنگ ۾ گهمي رهيو آهي ته کيس "چترا منيپور جي شهزادي جهنگل ۾ مرداني لباس ۾ ڏسي ٿي ونيس ۽ مٿس اکين ڇڪن ٿي پوس ٿي ته ارجن مٿس ٿي نٿو ڏئيس. هوءَ ڪام ديوتا کي پرارٿنا ٿي ڪري ته اهڙي سونهن ڏئيس جو ارجن ڏسي مٿس موهت ٿئي

پوي، هوءَ ان پرارٿنا ۾ ڪامياب ٿئي ٿي ۽ ڪي ڏينهن ارجن ۽ چترا محبت ۾ گذارين ٿا. ليڪن چترا کي دک آهي ته، هن اڌاري ورتل سونهن سان ارجن کي موهيو آهي ۽ هڪ ڏينهن هوءَ ڪام ديوتا کي اها سونهن واپس ونڻ لاءِ پرارٿنا ڪري ٿي ۽ جڏهن وقت اها واپس ورتي ٿي وڃيس تڏهن ارجن جي پهرين سوال جي جواب ۾ چويس ٿي، "مان نه پوڄڻ لاءِ ديوي آهيان ۽ نه ڪا اها عورت آهيان، جنهن سان مرد ڪم ڪيئي اوکتا ڪري ڇڏيو ڪندا آهن. جڏهن تون موکي هڪ ساٿيءَ وانگر پيار ڪرين ۽ پاڻ سان پنهنجي خوفناڪ ۽ همت ڀري ڪم ۾ پاڻهن ڀيلي سمجهين ۽ پنهنجي زندگيءَ جي فرض ۾ موکي حصيدار بڻائين، تڏهن وڃي تو کي منهنجي سچي روپ جي سڌ پوندي." ارجن چترا جي اها للڪار قبول ڪري ٿو.

هيءَ ناٽڪ استري پرش جي سچي پيار ۽ برابريءَ جي ورتاءَ کي زبردست هٿي ڏئي ٿو.

آزاديءَ جي ڪوٺي (ڊاڪ گهر) هڪ بيمار ٻالڪ جي آزاديءَ لاءِ تڙف جو چٽو آهي. اميو ٻالڪ امل اهڙي لڪريءَ بيماريءَ ۾ مبتلا آهي، جنهن مان اوڙ جي هڪ ئي رستو ٿو ڏسجي ته، کيس سڄ جي اس ۽ هوا کان پري رکجي. اکڙي سندس گهر جا در دريون بند ڪري کيس چاليهه کان ٻاهر نڪر ٻالڪ اللو ڏسو وڃي.

ناٽڪ اُنيءَ اسٽيج تي هلي رهيو هو، جنهن ڪري اڄ هر انسان جي آزاديءَ جي ترقيءَ جو ترانو ٻُڌجي پيو آهي.

"آريه ۽ اڻ آريه" ڇهڙي ۾ اسان کي مذاقي ۽ طنزي ناٽڪ نويس جو درشن ملي ٿو. اسان جا اهي ديسواسي جي پاڻ کي اصلي آريه سمجهندا آهن ۽ ذات پات، ڪُل ڪٽنب ۽ اوچ نيچ جو ڀيد رکندا آهن ۽ انهن تي چوندا آهن ته پراچين زماني ۾ اسان جي ديس ۾ اڄ جون وگيانڪ ڪوجنائون هيون. ٽئگور هن ڇهڙي ۾ اهڙن شخصن جي چڱي جوڙ پچائي آهي.

حقيقت ۾ گرديو جا اهڙا ننڍا مذاقي ۽ طنزي ڇهڙتا ٻيا به ڪيترا آهن، جن کي ڌرمي ۽ قومي تنگدلي تي چوٽ ڪن ٿا.

ٽئگور جي ٻين چئن اهڙن ناٽڪن جي مختصر واقفيت ڏيڻ اِجاءِ نه ٿيندي. مالني جو مقصد ناٽڪ جي پاتر سپرا جي هن لفظن ۾ اچي ٿو وڃي "ڇا هيءَ دنيا ايڏي وسيع ڪانهي جو ان ۾ جدا جدا ويچارن جا ماڻهو گڏ رهي سگهن."

"راجا ۽ راڻي" ناٽڪ (١٨٩٠) ۾ ڪابل جنتا جو دک دور ڪرڻ لاءِ راڻي پنهنجي راجا کان ٻه اگر گهري ٿي. جڏهن راجا چوي ٿو ته پرجا تي ظلم ڪندڙ پنهنجا ڪي مائٽ آهن، تڏهن ڪهڙو نه عاليشان جواب ٿي ڏئيس، "اهي منهنجا مائٽ ڪونهن. مان پرجا جي ماءُ آهيان. اهي ڌاڙيل آهن جي پنهنجي لطف لاءِ اهڙي شڪار ڳولي،

وهيا آهن.“

”قرباني“ (بليدان) ناٽڪ ۾ هندو ڌرم جي ٻل چاڙهڻ جهڙين انسانيت سوز رسمن کي ڌڪ هنيو ويو آهي. ان کان به وڌيڪ ڌڪ هنيو اٿس ”آچلايتن“ ناٽڪ ۾، جنهن ۾ ماڻهو اهو ”اٽلتا جو ڪوٽ“ ٺهي ٺاهي ٿا ڇڏين، جنهن ۾ پوڄا پاٺ لاءِ جيڪو گهڙندو هو تنهنکي ٻاهر اچڻ نه ڏنو ويندو هو.

ٿوري ۾ ٽئگور جتي ڪوتائن ۾ انسان، ايشور ۽ قدرت جا گيت ڳاتا، ڪهاڻين ۾ ننڍين ننڍين واقعن ۽ ڪردارن ذريعي انسان جي سک ۽ غم خوشيءَ جي تصوير ڪڍي، ناولن ۾ سماجڪ ۽ راڄنيتڪ مسئلن ۽ ويچارن جي اوک ڊوک ڪئي، اتي هن ناٽڪن ۾ گهڻو ڪري فيلسوفاڻن خيالن جي ڪشمڪش ڏني آهي، جنهن انسانيت سدائين سوڀاري ٿي نڪري ٿي.